# وگهه جا وريام



مصنف :- محمد ابراهيم منشي سومرو

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

# وڳهه جا وريام

مصنف: محمد ابراهيم "منشي" سومرو جنهاڻ

ٻيو ڀيرو ] [ تعداد ۳۰۰۰

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت هڪ رپيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪتاب محبت ۽ احترام سان سومرا قوم جي
عظيم فرزند

## سيٺ حاجي ولي محمد سومرو

مالڪ فتح ٽيڪسٽائيل ملز حيدرآباد سنڌ

جي نالي منسوب ڪريان ٿو، جنهن کي قومي
اتحاد ۽ ترقيءَ جو هردم اونو رهي ٿو.

گر قبول افتد زهي عز و شرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# احوال شاعر

نالو محمد ابراهيم ولد محمد اسحاق ذات سومرو، ڳوٺ
جنهان سومرو تعلقو ٽنڊو محمد خان ضلع حيدرآباد تخلص منشي،
١٩٣٤ع ۾ اباڻي ڳوٺ جنهان سومري ۾ تولد ٿيس، منهنجو
والد محمد اسحاق ولد محمد حسين سومرو پڻ هڪ وڏو صفت گو
شاعر هو، جنهن جا شعر خاص طور مداح ۽ مولود شريف اڄ
ڏينهن عام و خاص ۾ مقبول ۽ معروف آهن.

١٩٤٥ع ۾ والد صاحب جي وفات وقت حڏهن منهنجي ڄمار
اٽڪل ٻارهن سال هئي ته سڄي ڪٽنب جو بار منهنجي سر تي
اچي ويو، جنهن ڪري آءٌ پنجن درجن کان مٿي تعليم حاصل
نه ڪري سگهيس.

زماني جا مختلف نشيب و فراز ڏسندو ١٩٥٦ کان ١٩٦١ع
تائين ذريعه روزگار خاطر هڪ ٺيڪيدار وٽ منشي ٿي رهيس
جنهن ڪري منشي جي نالي سان مشهور ٿي ويس ان ڪري
تخلص پڻ "منشي" رکي ڇڏيم. انهي کان اڳ وارن شعرن ۾
"مشتاق" تخلص ڪندو هوس. مگر اها انهيءَ وقت جي ڳالهه
آهي، جڏهن آءٌ مختلف شاعرن جا شعر پڙهندو هوس ۽ مولود
شريف خواه ڪافيون جهونگاريندو هوس مگر پنهنجو شعر ١٩٥٠ع
کان چوڻ شروع ڪيم. پنهنجو شعر اصلاح لاءِ منهنجي عزيز
علي محمد "سپاهي" کي ڏيکاريندو هوس جنهن منهنجي سٺي
رهنمائي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۶۲ع کان مون پنهنجي شاعري جو رخ موڙي قومي شاعري طرف ڪري ڇڏيو. انهيءَ جو سبب هي پڻ آهي ته سنڌ جي غريب ۽ مظلوم عوام جي حالت منهنجي حساس دل تي تمام گهرو اثر ڪيو جو آءٌ خود به محنت ڪش طبقي سان تعلق رکندو هوس. ازانسواءِ مون زماني جون حالتون اکين سان ڏٺيون هون، مون انهن خيالن کي ڪيترن ئي شعرن ۾ قلمبند ڪيو آهي جن جو تعداد به ڪافي آهي ۽ مسوده جي صورت ۾ مون وٽ موجود آهي جيڪڏهن وقت ساٿ ڏنو ته انشا الله اهو سواد به پڌرو ڪندس.

هن مجموعي کان اڳ قومي اليڪشن دوران ۱۹۷۰ع ۾ پڻ هڪ ڪتاب "پيغام مظلوم" جي نالي سان ڇپايم جو اهل علم طبقي ۾ چڱو مقبول ٿيو. جيئن ته علمي لياقت زياده نه آهي، تنهن ڪري پڙهندڙ دوستن ۽ ڪرم فرمائن کي التماس آهي ته منهنجين غلطين کي منهنجي علم تائين محدود سمجهن ۽ درگذر ڪن.

هن ڪتاب جي انتساب لاءِ چند الفاظ وضاحت طور چوڻ لازمي ٿو سمجهان، منهنجو نانو مرحوم حاجي علي محمد ولد محمد الياس سومرو ۹۳ سالن جي عمر ۾ گذاري ويو، هڪ داناءُ ۽ سومرن جي تاريخ ۽ شجره کان زياده واقفيت رکندڙ بزرگ هو، منهنجي تربيت هن بزرگ ڪئي ۽ اڪثر هن سان همسفر رهيس. مرحوم سومرن جي تاريخ ۽ شجرن بيان ڪرڻ وقت مون کي ريباري قوم جي سوگ بابت ڪيتريون ڳالهيون پڌائيندو هو ۽ نهايت ڏک جو اظهار ڪندي چوندو هو: ابا! خدا تعاليٰ پنهنجي سومرا قوم ۾ اهڙو فرد پيدا ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ريباري قوم جو سوگ لاهي جا صدين ڪان شهيدن جي غم ۾ سياه ۽ ماتمي لباس پائي رهي آهي.

الحمدالله سال ١٩٦٩ع ۾ اهو سوگ لاهڻ جو ڪم الحاج سيٺ ولي محمد سومري سرانجام ڏنو ته مون کي بي حد خوشي ٿي ۽ انهي ڪم سرانجام ڏيڻ ڪان آءٌ ايترو ته متاثر ٿيس جو پنهنجي شعرن جو هي مجموعو سيٺ صاحب ولي جي نالي منسوب ڪيم. دعا آهي ته الله تعاليٰ کيس عمر دراز ۽ ايمان جي سلامتي عطا ڪري ۽ هميشه قوم جي رهبري ۽ خدمت ڪندو رهي. آمين!

مخلص

**محمد ابراهيم سومرو "منشي"**

جنهاڻ سومرو - تعلقو ٽنڊو محمد خان

مصنف.

# سومرا قوم جو اڳواڻ

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت جي اختتام بعد ڪيترائي خاندان هندستان طرف هجرت ڪري هليا ويا. معلوم ٿو ٿئي ته انهن نون حڪمرانن جي فرمانبرداري قبول ڪرڻ کي پنهنجي قومي خودداري جي خلاف سمجهو يا شايد انهن کي پنهنجون ريتون رسمون زياده عزيز هيون. بهرحال اهي لڏي پر وارين راجپوت رياستن ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيا.

راجپوت حڪمرانن سنڌن دل و جان سان مرحبا ڪئي، ڇاڪاڻ ته ان وقت راجپوت رياستون اهڙيون خود مختيار حڪومتون رانگر هيون جنهن ۾ حڪمران قومن جا فرد باعزت رهي سگهيا ٿي.

اهڙا ڪيترائي خاندان هندستان جي رياستن طرف لڏي بکڙجي ويا جن جا پويان اڄا تائين اتي موجود آهن ۽ آسوده حال ۽ معزز ترين افرادن ۾ شمار ٿين ٿا.

اهڙن خاندانن مان سيٺ حاجي ولي محمد سومري جو خاندان پڻ هو. هي خاندان ٺٽي مان هجرت ڪري جوڌپور رياست ۾ پهتو. جيئن ته سنڌن تعلق شاهي خاندان سان هو تنهن ڪري مهاراجا کين شاهي مراعات پيش ڪيون جهڙوڪ هڪ سؤ ايڪڙ زمين بنا ڏل ڏني، بالوترا ڳوٺ ۾ ڪوٺ بڻائي ڏنو ۽ اعزاز طور سرڪاري خرچ تي فوج جو هڪ مختصر دستو سنڌن حفاظت لاءِ خدمت ۾ مقرر رکيو هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڏوئي بيمارن کي پياريندا هئا جنهن سان هو صحتياب ٿي ويندا هئا."

سيٺ صاحب مزيد ٻڌايو ته "قيام پاڪستان بعد اسين دوباره پنهنجي اباڻي وطن ۾ آياسين ۽ اسان جو به هتي ايترو ئي هن ملڪ ۾ حق آهي جيترو ٻين جو. اسان هتي اچڻ بعد ٺٽي جي زيارت ڪندي دلي مسرت محسوس ڪئي. ٺٽي ۾ اسان جي ڏاڏي صاحب مدفون آهي، جنهن جي فاتح خواني اسين سڀ سومرا ڪندا آهيون ۽ ان بعد ئي ڪا شادي وغيره جي رسم ادا ڪندا آهيون، ڏاڏي صاحب جي تربت مڪلي تي موجود آهي.

اسان ۾ اڃا تائين اهي ريتون رسمون موجود آهن جيڪي اسان جي بزرگن جاري ڪيون. مثال طور سڱ ڌارين ۾ ڪونه ڏيون، اهل مستورات نڪ ڪين ٽوپائين. انهن ريتن رسمن جي اسين هر طرح حفاظت ڪريون ٿا، جيئن سومرا برادري جو اظهار ٿئي. آءٌ سمجهان ٿو ته انهن رسمن مان اسان ۾ سومرا برادري جي رڪنيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابن الياس سومرو

# شان سنڌ

سلطان دودو سومرو ۽ سلطان چنيسر سومرو ٻئي ڀونگر راؤ جا فرزند، سومرن جي مشهور ۽ عالي شان وسايل ۽ آباد ڪيل شهر روپا ۾ تولد ٿيا ۽ اتي ئي سياسي ۽ جنگي تربيت ورتائون.

روپا- اصل ۾ "راؤپا" جي بگڙيل صورت آهي جنهن جو اشتقاق آهي (راؤ + پا) راؤ = سردار + پا = پير، جتي سردار يا حاڪم جو پير هجي يعني پاية تخت. سومرن حاڪمن جو لقب راءُ هو. زمانه قديم ۾ شهر جو نالو خدا يا حاڪم جي مقدس نالي سان رکڻ باعث برڪت سمجهيو ويندو هو. غالبا هڙپا جنهن جو صحيح تلفظ هري + پا يعني خدا جو پير آهي. سنڌ جي اتر ۾ تهذيب و تمدن جو مرڪز هو ۽ ڏکڻ ۾ سومرن جو تخت گاه راؤپا آباد ٿيل هو.

روپا ڏکڻ سنڌ ۾ انهي هنڌ تي آهي جتي ڪنهن به ڌارين تهذيب ۽ تمدن جو اثر نٿو پهچي سگهي. اهو آڳاٽن نامور حاڪمن جو راڄنيتڪ اصول هوندو هو ته مستقبل جي ولي عهد ۽ ٿيندڙ راڄ ڌڻي کي پنهنجي روايات ۽ اصولن مطابق تربيت ڏيندا هئا. ساڳي طرح دودو ۽ چنيسر والد جي نگراني ۾ سومره قوم جي عظيم روايت هيٺ پلجي جوان ٿيا. سومرا قوم جي چند پنهنجي مخصوص روايات مان هڪ روايت هي پڻ نمايان هئي

وڇائڻ لاڏون ڏيڻ، راڄ ۾ سڱ بند ڪرڻ پٽ پهٽ ڪرڻ ڏاڄ ڏيوڻ ۽ سڱا مٽا ڪرڻ وغيره.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سر ليلا چنيسر ۾ چنيسر سومرو جو قصو بيان ڪندي ليلا جي الفاظن ۾ فرمائي ٿو:

پـــوچا ڏنم پير ڍڪـــڻ مٿي ڍول جا
مون ڀانيو تنهن وير ڪوجهي ڪندو پريئڙي

شادي ۾ "ڍڪڻ پچڻ" جي رسم راجپوتن جي خاص رسم آهي. جنهن کي شاهه صاحب پيش ڪري هڪ ديسي رسم ڏانهن اشارو ڪيو آهي.

جيتوڻيڪ وقت جي ڪيترن عالمن سڳورن انهن روايتن کي بدعتون ۽ غير شرعي ڪم سڏيو انڪان باز اچڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون، مگر روايت پسند راجپوت انهن ابائين رسمن کي يڪدم خيرباد ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيا. ڪو وقت اهڙو به آيو جو سومرا قوم کي اسماعيلي ۽ قرمطي قومن ۾ شمار ڪري ڪين نيم مسلم سڏيو وڃڻ لڳو، ٿي سگهي ٿو ته انهن ڪرڻ ۾ عربن هڪ حڪمران ۽ فاتح قوم جي مزاج جو مظاهرو ڪيو هجي، ليڪن قومن جي تاريخ مان ثابت آهي ته جڏهن به ڪا قوم خواب غفلت مان بيدار ٿيندي آهي ته سڀ کان اول هو پنهنجرن ريتن رسمن ۽ تهذيب و ثقافت جي تلاش ڪندي آهي جنهن ۾ سندس عظمت جو سبق لڪل هوندو آهي تنهن ڪري جڏهين به اهل سنڌ بيدار ٿيندا ته يقيناً هو اهو ئي دور تلاش ڪندا جيڪو خالص سنڌي دور رهيو هو جو بجا طور سومرن جي حڪومت جو دور ٿي سڏي سگهجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به حڪمران قوم تي جڏهن زوال ايندو آهي ته هو وري اصل ۽ آبائي سرزمين تي موٽ ڪائيندا آهن يا ڪم از ڪم انهي خطي کي پسند ڪندا آهن جتي سندن سلامتي يا خيال ۽ عمل جي هم آهنگي نظر اچي. سومرن جي زوال وقت سندن ڪان سواءِ ٻي ڪابه برسراقتدار راجپوت قوم نه هئي، مگر جيئن ته سندن پنهنجي سياسي تعلق جو رخ عربي، ايراني ۽ افغاني نسل قومن طرف رکيو، تنهن ڪري سومرن جو ڪافي تعداد اختلاف راءِ سبب راجستان طرف هجرت ڪري هليو ويو، جتي اچا تائين لکن جي تعداد ۾ سومرا قوم آباد آهي ۽ صدين گذرڻ بعد به "سنڌي کتري" جي نالي سان مشهور ۽ معروف آهي، انهن مان ڪافي تعداد آزاديءَ پاڪستان بعد سنڌ ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا آهن جن مان سيٺ حاجي ولي محمد ۽ سيٺ حاجي قاسم جا خاندان قابل ذڪر آهن. جيڪڏهن سومرا عربي النسل قوم هجن ها ته هو ڪنهن به حالت ۾ راجپوتانه ڪڇ، گجرات، مارواڙ ۽ جوڌپور طرف نه وڃن ها، بلڪ عراق، شام ۽ حجاز طرف روانا ٿين ها!

سنڌ تي سومرن جي حڪومت تقريبا ساڍا ٽي سؤ ورهيه ڪن رهي، جمله تاريخ نويس هن ڳالهه تي متفق آهن ته اهوئي دور سنڌي قوم کي پنهنجي خالص مقامي ۽ قومي خود حڪومت هلائڻ جو وجهه مليو. يعني انهي عرصي کي قومي حڪومت جو درجو حاصل آهي. ان کان پوءِ وري ڪڏهن به اهل سنڌ جي بخت ياوري نه ڪئي، هميشه پراون ۽ حمله آورن جو مٿن تسلط رهيو جي ڪڏهين به دل سان هن قوم جا خيرخواه نه رهيا. جنهن لاءِ تاريخ سنڌ جو ورق ورق شاهد آهي. حضرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حادثاتي طور شمشيرزن نہ ٿيا هئا جئين عام طــــور سمجهيو وينڊو آهي تہ سلطان چنيسر سومري جي دلاسن تي لڳي علاؤالدين چڙهائي ڪئي هئي، بلڪ خلجين ڪيترو عرصو مسلسل سنڌ کي پنهنجي ڦرلٽ جو آماجگاہ سمجهيو هو، هجري ٦١٤ جو واقعو مشهور آهي (ڏسو تاريخ مولوي ذڪاءُ الله باب اٺون)

سڀ ڪان زياده تعجب جي ڳالهہ هي آهي تہ خلجين ظلم و ستم جي روش اختيار ڪرڻ وقت هنن اسلام ۽ انسانيت جا سڀ قانون بالائي طاق رکي ڇڏيا مثال طور جڏهين ناصرالدين قباچ خلجين کي سنڌ تلف ڪرڻ جي جرم تي فوج ڪشي ڪئي تہ خلجين ويندي ويندي هند ۽ سنڌ جا چاليهہ هزار مرد ۽ عورتون قيد ڪري پاڻ سان وٺي توران طرف روانا ٿيا پر جڏهين واٽ تي خوراڪ جي گهٽتائي ٿي تہ هنن عورتن ۽ مردن کي قتل ڪري ڇڏيو!! (ڏسو تاريخ فرشتو باب اٺون) ساڳي طرح سن ٦٢٣ هجري ۾ خلجين ملڪ خان جي هٿ هيٺ سنڌ جي ڪيترن حصن تي لشڪر ڪشي ڪري باهہ ۽ خون سان زمين کي ڳاڙهو ڪيو. (چچنامہ)

مذڪوره واقعات مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انهي عرصي ۾ سنڌ جي ڪهڙي حالت هوندي! اهڙي بي سرو ساماني جي حالت ۾ جڏهين تہ منگول ۽ ايراني قومون سنڌ کي گهوڙن جي سنبن سان پائمال ڪري رهيون هيون، ڪنهن مقامي قوم جو اڀري اچڻ لازمي ڳالهہ ۽ وقت جي اهم تقاضا هئي. لهذا فقط سومرا قوم ئي هئي جنهن لاڙ ۾ پنهنجو اثر رسوخ وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڻ کي منظم ڪرڻ لڳي.

سومرن پهرين جنگ فيروز شاهہ تغلق سان ڪئي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڀاءُ محترم محمد ابراهيم سومري انهيءَ سچي واقعي جون يادگيريون جنهن عقيدت منديءَ ۽ قومي محبت ۾ شعري لباس پهرائي پيش ڪيون آهن، اهي دل ۾ گهر ڪندڙ آهن ... سندس ڪلام قومي نقطه نظر کان علاوه زبان ۽ تخيل جو عمدو ۽ معياري نمونو آهي جنهن جي تعريف ڪرڻ ۾ مون کي خوشي ٿئي ٿي. آءٌ هڪ قومي ڀاءُ جي حيثيت ۾ ڪيس تمام سومرن ڀائرن جي طرفان خاص طور ۽ تمام اهل سنڌ جي طرفان عموماً دلي مبارڪباد پيش ٿو ڪريان جو پاڻ عظمت گذشته جي ياد تازه ڪري اسان کي حب الوطني جو سبق ياد ڪرايو اٿس. خدا ڪري ته اسين پنهنجي مادر وطن جي خدمت ڪريون ان لاءِ جيئون ۽ ان لاءِ مرون. آمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سومرا قوم کي خطاب

رهنمائي ري نه ٿيندي قوم ڪائي ڪامياب
ٿي مڙيئي مرد متفق ٿئون اڀاريو آفتاب

١- هن زمين تي حڪمران تنهنجا وڏا ڪو وقت هئا
ورق تاريخن جا واري ڏس پڙهي ٿون بره باب

٢- ڪل شيء يرجع ۾ آهي الا اصله
پاڻ ۾ پيدا ڪريو ڪو اصليت عرق آب

٣- باغ بيبان ۾ بناءِ ون رت اخوت جو گڏي
نبهن سان نعرو هڻي نرواِر ڪريون نئون لساب

٤- ترڪ ڪر غفلت اٿي بيدار ٿي بيدار ڪر
جاڳ جاڳائي جوانن ننڊ جو لاهي نقاب

٥- جنهن جتي تڪبير پسيئي سو اتي ئي وٺو دفن
ڪنهن پٽر ويهي نه پڇيو هو مثل هڪڙي حباب

٦- درد دودي جو نه جاڳيو قوم ۾ ڪنهن کي الا
ناز سان نپيل ننگر پونگر ڪسي ٿي وٺا ڪباب

٧- ميزبان مهمان مڙني لاءِ منشي جي دعا
ڪرم سان قادر ڪري شل قوم هن کي ڪامياب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قومي اتحاد جي اهميت

ڪيسين سهندا سور او سائي ڪيسين سهندا سور
اچو اچو اتحاد ڪريون هاڻي منزل ناهي دور

١- ماضي پنهنجو ياد ڪريو ۽ ياد ڏياريو يارن کي
متفق ڪريو مخلص دل سان ٻين جوانن ٻارن کي
هارين کي واپارين کي ۽ سيٺين زميندارن کي
غفلت ڇڏ ڪر غور زرا ٿيئن غم ۾ چور غرقور او سائي

٢- تو وٽ ننگر تو وٽ پونگر تو وٽ دودا آهن دلير
جن جو ثاني جڳ ۾ ناهي جاچي ڏس تون ويرسوير
جان ڏئي جن جوت جڳائي اهڙو جڳ ۾ آهيو ڪير
تن جيون تاريخون آهن شاهد ظاهر ڳالهه ظهور او سائي

٣- هن قوم جو هر هڪ مرد مجاهد جيڪر هن جي ڪوسار لهي
سار لهي سنڀار لهي تان هر مشڪل مان پار لهي
دار هتن لئه دار نه آهي دار بنا ڪهڙن دار لهي
منشي مانجهي قوم ته هن جا مرد مڙئي منصور او سائي۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توتي سلام دودا

توتي سلام سو سو دودل دلبر دودا
دودل دلبر دودا مانجهي مٺير دودا

١- نابين لئہ نور آهي هڙ سر زمين جو سر مون
ان ڳالهہ کان ڪري ڇو انڪار ڪير دودا

٢- مرڻا اڳي مري تو ماڻيون لکين حياتون
شاهي ڪئي شهادت تو شاھ شير دودا

٣- هر هڪ دنيا جي آهي تاريخ تنهنجي شاهد
غيرت جو سر تي پاتو تو ڇٽ ڇپر دودا

٤- مدهوش ٿي مغل ويا توکي ڏسي ڏهيسر
پڙ ۾ جڏهن پهلوان پاتا تو پير دودا

٥- مشڪل هو ڪربلا جي هي امتحان اوهان تي
ورنہ اچي ڪري ڪو توتي آلبر دودا

٦- مٺڙي ڇوڪ ڏنو تو اهڙو سبق جهان کي
جهڙو ملي نہ پيو مشڪل ڪربل بغير دودا

# شهيد اعظم

۱- دنيا توکي داد نہ ڏئي چو دودا تنهنجا داءُ هتي
غيرت تي تو ڪيئن نہ کاڌا پائيتيا پٽ پاءُ هتي

۲- ڏيهہ سڄي ۾ ڏاڍا تنهنجا ماڻهو ڏيـن مثال هتي
لڄ جي ڪارڻ لڙندي لڙندي لکين ڪهايئہ لال هتي

۳- اکبر ڪربل آل نبيءِ سان تو سان ڪربل اصغرڙي
نيڻيون وسارڻ سان پٽي وسرن هرهڪ دل کي هرهرڙي

۴- چسڪ چپن مان ڪين ڪيائون گهٽيئي سهندي گهاءُ الا
پلي نہ چاڙيا اهـــڙا سورهيہ پــــٽ پيارا ماءُ الا

۵- سر ڪٽايئون ڪين نمايئون اکيان اعلا دين اچي
روپا ماڙي جا روپ چڙدي سي پڙ ۾ ٽٽا پروان پچي

۶- نگري نگري نام اُنگر جو پونگر تنهن سان پاءُ الا
مغلن کي جن مات ڪيو تي ڏيئي ترارين تاءُ الا

۷- ڳجهن بنايا ڳوٺ اتي جتي ماريا تو ميدان پڪا
ڪنگرا ڪريا ڪوٽ وڳهہ جا دودا هليا دار بقا

۸- شيهن ببر جيئن گرندي گجندي مغل لکين تومات ڪيا
چئني طرفن تلوارين تي تجلا ڏينهن ۾ رات ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩- اٻڙي جا احسان الاهي قوم جي اڳين پوين تي
سر ڏئي جنهن سونگ سنواري لڄ ٻرين لوين تي

١٠ ٻاگهي ٻاڌهن وڻڻ جي خاطر خلجي ٿيو ته خوار هتي
غيرت ۾ تو اچي ته ماريا صوبه ڪئين سالار هتي

١١- چرئي چنيسر چوڻ سمجهي ٻارالي ڪئي ٻار الا
ٻاءُ هتان ڏس ٻاءُ ڏيکاري قدرت جا ڪردار الا

١٢- سبق ڏنو تو ساري جڳ کي جام شهادت پئيندي الا
سنڌي چوي تون تا قيامت ساري جڳ ۾ جيئندي الا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ جا سپوت

## وڳهه جا وريام

درياهه دل اي دودا سر ڏني سنڌ جي سينڌ سنواري تو
سنڌ جي سينڌ سنواري تو ۽ جيجل سان پت پاري تو

١- موت گهڻن کي مات ڪيو، پر موت کي وئين تون مات ڪري
ڳالهيون تنهنجيون ڳوٺن ۾ هر ڳوٺاڻو ڏينهن رات ڪري
سونگ نه سهندي سنڌ مٿان وئين سوريءَ سوغات ڪري
صدق صدق صدبار ڇٽي بس سنڌ مٿان جند واري تو

٢- خوب خزانا باغ ۽ بنگلا ماڙيون تو محلات ڇڏيا
هيرا موتي جوت جواهر تو نه ڏري هڪ رات ڇڏيا
پٽ پٽولا پٽ هٿي تو ڪنڌ قبولي ڪات ڇڏيا
سنڌ مٿيءَ لئه ساري جڳ کي ست سڪڻ سيڪاري تو

٣- ڳاڙها ڳڀرو ننگر پونگر لاکيڻا لڄ پال هتي
ڇورا نه جن جي ڇاتين ۾ هٿا لال لهو سان لال هتي
ٿلن وڏي سان شهيد ڪرائڻ ڪونڌر کهڙا ڪال هتي
وڙهندي وڙهندي ويرڻ سان هٿي همت ڪڏهن نه هاري تو

٤- ڪوٽ وڳهه ڪان روپا نائين رپلا رت وهايا تو
مغل لکين تو مات ڪيا ۽ ڪونڌر پنهنجا کهايا تو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر پنهنجو انت ٻـه آڻي جڳ کي سبق سکايا تو
دريا خان ۽ هوشو ٻئي تن کي ٻه پيالي پياري تو

٥- اهي سڀ پيالا پاڻ ٺڪرايا ٿو لڳو چنيسر راڻو جڙي
ٽوڪي موت جي سيج تي ڏسندي منزل اتي سڀ آيا مڙي
اچي اعلادين لاش تنهنجي تي لت آڏاري جنهن گهڙي
ڇڻنگ اٿــــي چوبول ٿيو ۽ ڇڙيو چنيسر ڇاري تو

٦- رت جو روپ اصل ۾ آيو چرخ ڦريو چوڏار وري
جهڙو راڻو چنيسر چـــريـو تهڙي تنهن تلوار چري
جنگ مچائي جنگ جتي ٽڪا مغل ڪيئن ماندا ته مري
اها مچايل اڄا مچي پٽي جوان ڪئي جا جاري تو

٧- سو پڻ شبر شهادت رهيو وڙهندي ويرن سان
پاڻ ملهائي پڙ ۾ بيٺو ڪان ڪڍيائين ڪنهن جي ڪاڻ
پيراندي ڪان تنهنجي پيو آ ڏيئي اصليت جــا اهڃاڻ
منڍي ڳڏي جو ساڻ وهاريئه اها ٻه سورهيه ساري تو

٨- هر ڪنهن پنهنجو پاڻ ملهايو جان گنوائي جنگ ڪري
تاڻ تکو تلوارين جو جتي رڻ گجي ۽ رڪ ٻري
گهوڙن گهوڙن رڻ ۾ راتيون جو ٻه وڃي سو ڪرڻ وري
چئني طرفن باهه ٻرهه جـــي ٻارڻ ڏيئي ٻاري تو

٩- ڪوپا ڪوپن ڳـــڏيا جهڙا پـــاڏا وڙهيا سانُ صفا
ڪنهن جي پانهن ويئي تي ڪپجي ڪنهن جي رت ٿي ران صفا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَٽ ڪريا ٿي ڏڙ جهريا ٿي خوب وڙهيا ٿي خان صفا
فوج فنا ڪئي دشمن جي جا مڪڙن جيئن ٿي ماري ٿو

١٠ ـ ڪات قضا جا ڪَٽ قبولي جنگ جنگ نام جياري وٺين
صاف صفن سورهيه پنهنجو تار منجهان تون تاري وٺين
چوي ٿو "منشي" قالو وارا قول تون پورا پاري وٺين
سڌ ستيءَ سان سورهيه سڀئي سار نڀائي پاري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فخر سنڌ

دل کي ڏاريندڙ اوهان جو آهي دودا داستان
ڪربلا بعد هي آهي ڪربلا منجهو جهان

١- سر زمين، سنڌ جو سوري مٿي آيو سوال
موت منهندا مرڪندي تو پاس ڪيو هر امتحان

٢- داد تو دودا ڏيو ٿي هر زبان آهي پڌل
ڳائي ٿو هر ڳوٺ ۾ هر هڪ بشر تنهنجو بيان

٣- فخر تنهنجي نام تي اڄ سنڌ جي هر فرد کي
شان، سنڌ تنهنجو لقب ٿيو چار سوءِ آهي عيان

٤- اڄ به تو ڏالي وڃ سان دهلجي دشمن جي دل،
تنهنجي عظمت جو ته اڄ بي آهي شاهد آسمان

٥- اڄ به "منشي" ماڳ، تنهنجي تي ڏسي ميڙا متل،
وصف هر هڪ وات مان ٻهڪي پيو تنهنجي پڙاءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روپا ماڙي ۾ هڪ رات

## خـواب

ٻــڌ ٻڌايان جا ڪٿي مون رات روپــا ۾ رهاڻ
آس اندر جي پڄائي پرت مان پرور تـــــ پاڻ

١ــ هئي اصل اُڻ تُڻ تہ عرصي کان مون اندر ۾ اها
ڪاش ٿئي ديدار دودي شاہ شهيد جو هڪ دفعا
سا ٻڌڻ واري ٻــڌي پوري ڪيائين التجا
رات هڪ ڪنهن سڌ ڪيو مونکي اچي سورهيہ سڄاڻ

٢ــ ننڊ مان جو ڇرڪ پائي ڇا ڏسان هڪ نوجوان
چنڊ ڪنڊڙ چهرو اکيون ڪاڙهيون ٻڌل پڳ پهلوان
مخملي پوشاڪ مٽياندار منهن نــوري نشان
ٻانهن مان مون کي جهلي ٻاهر وٺي آيو سو پاڻ

٣ــ ڇا اچي ٻاهر ڏسان هڪ اسپ ابلق آ تيار
سنج سونا جنهن مٿي ۽ زين زريون بيشمار
هٿڪ جنهن جي مان هزارين دهلجي وڃا ٿي ديار
ٻيلهہ چڙهياسون ٻئي جڻ ڪو اڏاڻو ڦنگ پــاڻ

٤ــ وقت ڪو گذريو نہ گذريو شهر هڪ شاهي ڏٺم
شهر هي ڪهڙو ٻڌاءِ پيار ڏاڍي مان پڇيم
شهر روپا سومرن جو واپسي ورندي مليم
شهر ساري کي هئي ديوار دروازا ۽ ساڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- گھوٽ گھوڙي تان لھي دروازي داخل ٿيو جڏھن
مون ڏٺا دربان در تي نياز سان نوڙيا تڏھن
شھر اھڙو صاف سھڻو مون نہ اڳ پسيو ڪڏھن
مُشڪ عنبر ڪان مٺي ڇڻ شھر ساري ۾ سرھاڻ

٦- شھر گھمندي چا ڏٺايان مون اتي چا چا ڏٺا
ويڪرا رستا وڏا سھڻا سنواريل ۽ سٺا
ميٺ ۾ ماڻھو مٺا ھندو ۽ مسلم سڀ ڪٺا
قرب ۽ ايڪو انھن ۾ ڪان ھٿي ڪنھن منھن ڪڙاڻ

٧- مسجدون گنبذ منارا مسلمانن جا اتي
ڪلس مندر ۽ سرائون ڌرم شالا پڻ اتي
روح ۾ ڪن جي رحيم ۽ رام ڪن جي روح تي
خوش خيالن پنھنجي پنھنجي ڪين ڪنھن جي منھن ڪماڻ

٨- عاج جيئن ٻانھيون چريل ڪپڙا گلابي ناريون
ھس ھسيون ٻڙا ڪنن ۾ مسلمين موچاريون
ريشمي پاتل پڙا ۽ جن سفيدي ساڙيون
منھن پگھريل، مون جھڙا سا نہ ناري ھندواڻ

٩- شمعدان سارو شھر انسان ھر ھڪ پور سُڪون
ڪچھريون قربائتيون ۽ نيھن جيون ھر ھنڌ نڪون
رند ميخاني منجھان پيئندا رھيا ڏيٺي ٽِڪون
پور پيالا پيئندي پيئندي ڪين ۾ وڏا ڪنھن جي ڪاڻ

١٠- اوچتو ھڪ باغ ڏسندي دل سڄي ٽي باغ باغ
باغ ۾ چا ھو چوطرف ٽي چمڪيا جنھن ۾ چراغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ڏسڻ سان وڃا معطر دم گهڙي ۾ دل دماغ
گل گلابي موتيو ناز ڪر ۽ سنبل جي سرهاڻ

١١ــ نازبوءِ نــرگس ۽ نسري ڪيتڪي ڪرنا ڪنول
ٿي لڏيا ليمان سر و قد ساڻ پيا سوسن سنبل
سونهن پرِيا سورج مکي ۽ گل گلن جي ذات گل
بلبلن ٿي گيت گايا ڪوڪ ڪوئل ڪئي ڪلياڻ

١٢ــ بس انهي برڪن بهشتي ســان متي ٿيس اڳيرو
رخ رکيو سون رنگ محل ڏي هو ڪئوري جت ڪرو
سون چانديءَ جان ٿي چمڪيا جنهن جا ديواريون درو
دوست ان دربار جي ويهي پڌايان چــا وکاڻ

١٣ــ سبز پوشاڪن سان سهڻا ٻانهيون ٻانهان عجيب
نور واري نور تن جي من موهيندڙ سي نجيب
هڪ ٿهي هڪ جهڙا سپ چڻ هڪ ڪنب جا ڪل قريب
جي ڏٺئون ٿلندي ٿهڪ چڻ ٿي ڪئي موتين جي کاڻ

١٤ــ پوءِ اچي اڳيان متل محفل اندر ٿئا سون شريڪ
هو وڏو هڪ حال جو هر جنهن ۾ جرڪيا ٿي عقيق
هر بشر شد مان شادان بي فڪر ۽ بي فريق
ساز ڇريا راڳ هليو سوز ڏاڍي سرّ ساڻ

١٥ــ راڳ ڪان پوءِ روپ ڦريو دور دارو جو ڪليو
سونهن پرين ساقين هتان موجود ميخوارن مليو
نور پيالا پيئندي پيئندي هرڪو پنهنجي رخ هليو
پر سڏي ساقي کي ڪن ٿي چيو اچاين آڻ آڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٦- پوءِ اتان اٿندي اچي هڪ خوب ڪمري خاص ۾
شانَ سنڌ دودي سنڌي آداب سان ارداس ۾
جت چنيسر ۽ ننگر پونگر ٻه ويٺل پاس ۾
نرِ نصيحت ڪئي اتي مون ڪي هنين سان ٻڌ سا هاڻ

١٧- پيار ڏادي مان نه پوري قوم کي پيغام ڏج
سنڌڙي تان سر ڏجا اهڙو سنبهو عام ڏج
سنڌ جي سيني سپوتن کي سوين سلام ڏج
پاڻ ۾ ٻيدا ڪجا ايڪو نه ڪنهن جي ڪيڏجا ڪاڻ

١٨- پنهنجا مڙه بوڙي نه اڇجا تار مان ناري اچو
مڙس ٿي مرجا ۽ دشمن سنڌ جا ماري اچو
اصليت ڏي وصل ڪارڻ واڳ کي واري اچو
جيئن ڏسان سامهون اچي سينا اوهان جا رتءَ ڇاڻ

١٩- جيئن چنيسر مون سان مليو پاڻ ملهاءِ اچي
دوبدو دشمن سان وڙهندي ٿئو پتنگ پڙ ۾ پچي
رنگجي ريتو وئو ٿي ريت رت جي ۾ رچي
سا پڳلي چئي نه ڪڏهن جا پڳلي آئي ٻه ياڻ

٢٠- رات جو پوئين پهر ۽ هئي ڪچهري اوج ۾
ڳالهين ٻڌندي اچي "منشي" جو من وئو موج ۾
چڻ ٿيو پرتي آهيان بيٺو وڏي ڪنهن فوج ۾
اوچتو جان اک کلي ۽ جاڳيس تان منجهه جنهاڻ.

٭

# مخلص رهنما

## حاجي ولي محمد سومرو

مستحق آهين مبارڪ جو تون بيشڪ ياءُ ولي
تو ڪئي هر وقت همدردي جو مٺڻ سان هلي

١- سال ست سو سوڳ ۾ سڙندي تہ ربباري رهيا
انگ تي جن اوڍيا تي ڪنهن سبب ڪارا ڪتا
تن پوشاڪون پاڻ ڏيئي تو سبب سي دور ڪيا
سي سفيدي ۾ سونهن اڄ ڏرت جن تان ڏينهن لٿا
بار ٻيڙا ۽ جوان ٿا تـو دعائون ڪن دلي

٢- آئون احسان مند تنهن آهيان قوم جي ڪردار تي
سومرن لٿ سوڳ ساندي ست صديون جن سر تي
دور جنهن دنيا انـدر ماڻهو چڙهي پيو چنڊ تي
پر اصول هن قوم جو هي دل وساري ڪيئن سگهي
جن نڀايو نيهن سان ذاتو نمڪ جو خوش ڪيلي

٣- سومرا هـن سنڌ ۾ تـوڪان اڳي سردار ڪيئن
تي وٺا ٿيندا رهيا ۽ اڄ بہ زميندار ڪئين
هر نموني لـڪ لٿائڻ لاءِ سي تيار ڪيئن
پر نہ پهتي ڪنهن ڪنا هي سوپ هٿ سرڪار ڪيئن
سوپ جو سهرو ڪنبو تو سر سوانح ڪي سلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



سومرا قوم جو عظيم فرزند

الحاج سيٺ ولي محمد سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴- ٻوڏ ۾ ٿي ٻانهن ٻيلي تو مدد ڪئي مفلسن
ڏئي اٽاڪن کي لٽا ڍڪيئي اگهاڙن ۽ ٻکين
شال گهارين شاد تو کي ٿا دعائون سڀئي ڪن
قوم جي دردن کي پنهنجو درد ڄاڻئي جان من
وقت آئي قوم لائي تو هميشه دل جلي

۵- داد جي دعوي رکي ”منشي نہ لکيو شعر هي
ڳالهه مون ايمان سان آهي ڪئي احساس جي
اي مجاهد مرد تنهنجي ناهي ضايع زندگي
زندگي ۾ شال مائين زندگي جي هر خوشي
تو سان مشڪل ۾ مدد مشڪل ڪشا مولا علي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قوم جو روح روان

## حاجي محمد قاسم سومرو

تنهنجي محبت تنهنجي محنت تنهنجي همت ڇا چوان
ڇا ڪري تعريف سگهندي منهنجي هي ناقص زبان

١- قوم جي هر فرد کي اڄ ناز توتي ڇو نه ٿئي
سال ست سو جا پراڻا تو ڪيا پڌرا نشان

٢- شان، سنڌ دودي سنڌي ٿالي سان روشن سنڌ تي
ڇانئو يا چنڙو نه اڏيو ڪنهن اڃي ان جي مٿان

٣- ڪٿ ڪراچي ۾ ٿئين تون ڪٿ ٿيا روپا جا راءُ
پر پيارا پيار تنهنجي سان اتي سڀ ڪجهه ڏسان

٤- مقبرا ۽ ڇانئو چٽيون پيا پين پاڻي اڃيا
جت پکي جو پير اڳي ڪونه هو صدين ڪنان

٥- اڄ اتي موجود مردن جا اڪين ميڙا ڏسو
خوب ختمان ٿا ملن ۽ قرب مان پڙهجي قرآن

٦- سوڀ جو سهرو اهو سر حاجي قاسم تو سونهي
نه ته هزارين قوم هن جا وڏا وهي ڪئين ڪاروان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷- ڪمين قلندر خانبهادر دودي ثاني نام جا
ٿي وڻا تيندا رهيا ھر پيٽ پنهنجي ۾ نهان

۸- مرحبا مرد مجاهد مرحبا ”منشي چوي
تو اباڻن جا آجاريا اجڙيل هي آشيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪيڏارو

١- دودا پٽ پونگر جـا پونگر ننگر نام
آنکي ساري سنڌ نـي وکهه جا وريام
ڪري ڪالهه قيام، سنجي سنڌ ڪري وٺا

٢- سورهيه سوري سيج ننگر هليو نمهن سانْ
پنجاه يارن پاڻ ۾ پونگر ڀڃي ڀيچ
بهادر شهر بڪار ۾ رت ڏنائون ريج
ايا چون پاڻ ۾ مـڙس ٿي مريچ
سامهون سر ڏئيچ، تہ سوپارو ٿئين سٿ ۾

٣- ترڪش ٻڌي تنگ چڪي جنگ بہ جوڙيائون
چـاتين چڙا دشمن ۾ ڪپي ڪوڙيائون
ڪپڙا لال لهوءَ مـان ڀِڄِي ٻوڙيائون
لکيو لوڙهيائون، قضا تـري ڪان ڪا

٤- قضا تـري ڪان ڪا آيو امر بہ الاهي
شير شهادت رسيا پيئي وکهه ۾ وائي
رضا منجي ربّ جي راڻـا ٿيا راهي
طور ممٽ طائي، ٿئا روانـا ربّ ڏي

٥- بهادر شهر بڪار ۾ جـوڙن جوڙي جنگ
ڪارن ڪميتن جا چڪي ڇڙيائون تنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪي پيا ڪتڪ تي پاڻ هنهائون ٻنگ
وڳهه روپا وچ ۾ ريٿو ڏنئون رنگ
ڳهوڙن ڳهائي نيهن سان نيايا تي ننگ
نہ ٽيو دشمن دنگ، مري پاڻ ملهائي ويا

٦- گهنڊ لڳا طبل وڳا جنگ ٿي جاري
سورهيہ سپوت سنڌ جا هاري ۽ ناري
واڍا لوهر ڪاسبي واڻيا واپاري
اٿين تي وڙهيا ويرين سان جيئن مڱهہ وجهي ماري
سوڍا سما ابڙا راڻا ريباري
ڪان سهي ڪاري، وڌي شان شهيد ٿيا

٧- پاتا جڏهن پيڙ ۾ دودي پير دلير
ڇتي جنگ ڇڙي پيئي ڏونڪو لڳو ڀير
مغلن جا ميدان ۾ ڊوڙيا وڻا ٿي ڍير
ڳهوڙو مشڪي ڳهوٽ جو جيئن ٻڪابل شير
سوين صوبہ سنڀن سان جنهن ڪيا زمين زير
ماريو مهاڙا وڃي مانجهي مرد مٿير
ڪندو اهڙي ڪير، تو جهڙي جنگ جوان ڪئي

٨- ڳاڙها منهن مغلن جا ماڻهو ڳهرن ماس
ٿري شهر ٻڪار جو جن بڻايو بنواس
جڏهن دودو ڳڏين دوبدو تڏهن رنيون ڪن راڪاس
پوء دغا ڪري دودي لاء ڪوه ڪٿايئون خاص

جنهن ۾ پالا زهر جا ٽنگاياڻون ٽياس
اندر رهي آس، سو ٻن شبير شهيد ٿئو

٩- ڏڍا تنهنجي دم ۾ حياتيون هزار
وڏن ڪان وڏي ٿي تنهنجي چام چمار
سورهيه سينگاري سنڌڙي وٺين تون وينجهار
ڪونڌر تو ڪردار، مڙني مٿاهون ٿيو

١٠- سدا سبز ٿو سهڻي وکهه جي وادي
تورن ڏينهن ٿيٽي جتي ننگر جي شادي
دهل وڄيا ٿي در تي جتي گلن جي گادي
لاٿون لهندي رڪ سان جنهن آندي آزادي
روئي جنهن لئہ رت ڦڙا سو مل شهزادي
ڪربل وارو ڪيس ٿيو حڪم ڪيو هادي
مردن منادي، گونن ۾ پيئي گابٿي

١١- وٺيو تاڻءُ ننگر جو پونگر سڏي ياءُ
ڇهري چنڊ معصوم ڪي گهٽا لگا گهاءُ
راند ڪيئين ٿي رڪ سان جتي ترارين تاءُ
پسي حملا نسر هٿيو وربامن وياءُ
سندو روپا راءُ، وڏي شان شهيد ٿيو

١٢- رت تنو من ستو چڙهيو چنبسر
حب الوطن من الايمان ڳجهو ڳنيهن بجر
هٿ پاٿر پائيتيا پيا جاني يار جگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کهايا هتن مان ڪالهہ بيٺي ڪونڌر
روئي نيٺو رت ڦڙا اڄ مارڻو سات سگر
ڪاهي پيو ڪنڪ ۾ ڪشي کهر ڪمر
مغل سڀ منجهي پيا ڏسي حملو هي نيٺن سر
ماري مغل هن مات ڪيا جوڌا ڪيئن جابر
دودي جي آخر، پيراندي پرازا ٿئو

١٣ـ هاڻسا تنهنجي هاڪ اڄ به سوڍا سنڌ ۾
مانجهي ملهائي ونين دوستي جي ڌاڪ
پاونگ چڙهي پڙ تي بيٺين ٿي بيباڪ
تازي تنهنجي تن تي پرٺي جي پوشاڪ
سوڍا سر سوري تي تو چاڙهي ڪيو چاڪ
ڌاڙيون پنجي تاڪ، ٿيئن داخل دودي دربار ۾

١٤ـ سچ ڏيٺي سنسار کي هليا سنڌ ۾ سنواري
جبجل جوانن کي اڄ به اوساري
صحيح پٽ سو منهنجو جو دودي دل ڌاري
ٿيج ۾ بخشيان تنهن کي جو سوري سنواري
مانجهي ٿي ماري، دشمن پنهنجي ديس جا

١٥ـ اچي اعلادين ابڙي کي اعلان ڪيو
ساهون سومرن جمون تو وٽ جي آهين
سي ڪر حوالي منهنجي ، اچي تن تسڪين
ڌ ته مري نون مسڪين، وينڌي واهر وڃ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٦- جوڙي ڏنو جواب ابڙي اعلادين کي
سسي ساندي سمون ڏيان ايءَ کهڙي منجهه ڪتاب
ذلت واري زندگي سمي نه پيئي ساب
هتي جو نه حساب، ترندو تراربن ۾

١٧- ابڙي اعلادين جي ڏٺي جنگ جهان
سمون صوبن وچ ۾ بدرو پهلوان
هٿي هن هٿن سان ڪتارا ۽ ڪان
گهوٽ ڪيو گهمسان، مغلن سان ميدان ۾

١٨- هٿي بيٺو هوڏ سمون سر جي پڙ ۾
ڪوپا ڪپئين ڪيترا ڪڏي منجهان ڪوڏ
لاکيٽي تنهن لوڏ، پڙ ۾ پريان پڌري

١٩- سمي سٺا سر تني گهٽا ڏک ڏوپار
ڪٽڻ نه هٿي ڳالهڙي چٽيل هو چوڏار
ٿي وهيس رت ريلا ڪري ٽيس بت بيڪار
ساه پرتيون سومريون ڪيائين ڪٽڪار
سر ڏٺي سردار، سمي پاڻ کي سداريو

٢٠- عرش ۾ آواز ستر رک سچا ڏٺي
قادر قبولڻ پيو سندو روحن راز
ستين جي ان سڏ ۾ هو برهه بي انداز
ڏرتي لنگ ليڙا ڪيا چڏي نخرا ناز
انجام ۽ آغاز، سستورانن ساٿيو

۲۱- ٻاگهي تنهنجا ٻول اڄ ٻه سبق سنڌ لئه
تو پاڻ مرادا پاريا سندا قالُوء قول
چڙهي رنگ رتول، تو ڏنو مان متيءَ کي

۲۲- ٻانهن تنهنجو پسر ٻاٻاڻن کي ٻاگهلي
سيبا ڏيئي ستر کي تو مرهو کيو سر
امر اسم تنهنجو سدا سنڌ اندر
جنهن کي چوين مرڻ، سو کانئر نه ٿئي کڙم پر.

پورو ٿيو

هي ڪتاب، محمد ابراهيم "منشي" سومرو، اسلاميه
پرنٽنگ پريس نزد حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ حيدرآباد سنڌ
مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيغام

مون کي ”ڏکن جا ورهيه“ ڪتاب ڏسي تمام خوشي ٿي آهي. اوهان جي محنت ۽ شعر جي بلند خيالي، بزرگن جي اصولن جي صحيح صحيح ترجماني ڪئي آهي.

ڪنهن قوم کي بام عروج تي پهچائڻ لاءِ جتي سياسي اڳواڻن ۽ بين رهنمائن جي ضرورت هوندي آهي اتي قومي شاعرن جي اهميت کي به وساري نٿو سگهجي.

مون کي اميد آهي ته اوهين قوم لاءِ هر طرح شاعري کي ترجمان بڻائي قومي خدمت جو حق ادا ڪندا رهندا.

منهنجون دعائون ۽ مبارڪ باد قبول ڪندا.

اوهان جو ياءُ

محمد خان سومرو سردار محمد عثمان سومرو
بي. اي. ايل ايل. بي
ايم پي. اي سنڌ.

---

ٽائيٽل پيج تي تصوير
”ننگر سورهيه“
هڪ مصور جو خيال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



محمد ابراهيم "منشي" سومرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book